امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“جي هڪ قسط

# افضل ترين اعمال

سنڌي

ٻار ٽانڊن سان کيڏندو رهيو (حڪايت)

دنيا جي تمام شين کان وڌيڪ ٻه رڪعتون

نمازي عورت ۽ مڇي (حڪايت)




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال
## مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: افضل ترين اعمال

ڇاپو پهريون: رجب المرجب 1444ھ، فيبروري 2023ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڪيتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“ مان ورتل مضمون

# افضل ترين اعمال

### ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

افضل ترين اعمال ........ 1
دعاءِ عطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
نماز جي برڪت سان گڏهه زنده ٿي ويو (حڪايت) ........ 1
افضل ترين عمل ........ 2
ننڍپڻ کان ٻارن ۾ نماز جي عادت وجهو ........ 3
ٻار کي سڀ کان پهريان دين سيکاريو ........ 3
ڪرامت وارا پيءُ پٽ ........ 4
بالغ اولاد جي اصلاح ڪڏهن واجب آهي ........ 5
هر قدم تي نيڪي ۽ درجي جي بلندي ........ 6
ٻار ٽانڊن سان کيڏندو رهيو (حڪايت) ........ 6
حاجت پوري ڪرڻ جي عظيم الشان فضيلت ........ 7
حديثِ پاڪ جي ايمان افروز تشريح ........ 7
گهمڻ جي لاءِ وقت آهي نماز جي لاءِ نه ........ 8
مدني چينل نمازي بڻائي ڇڏيو ........ 9
جلد از جلد قضا پڙهي وٺو ........ 10
الله پاڪ جو احسان آهي ٻن رڪعتن جي توفيق ملڻ ........ 11
هيءَ ڪنهن جي قبر آهي؟ ........ 11
جنت تي ٻه رڪعت نماز کي ترجيح ........ 11
منهنجي لاءِ دنيا جي تمام شين کان وڌيڪ ٻه رڪعتون آهن (حڪايت) ........ 12
قبر جي پرسان سمهڻ واري خواب ڏٺو (حڪايت) ........ 12
نرالي خواهش (حڪايت) ........ 13
مرڻ وارن جي نگاهه ۾ عملن جي قدر ........ 13
نماز پڙهي اتي ئي ويهي رهڻ جي فضيلت ........ 14
خدا کي ياد ڪر پيارا اها گهڙي اچڻ واري آهي ........ 14
زمين جي حصي جي بزرگي ........ 15

زمين 40 ڏينهن تائين روئندي آهي ........ 16
جڳهه ڪنهن تي روئندي آهي ........ 16
آسمان ۽ زمين ڇو روئندا آهن ........ 16
نماز جي جڳهه روئندي آهي ........ 17
آسمان جو دروازو روئندو آهي ........ 17
نمازي عورت ۽ مڇي (حڪايت)........ 18
مدني چينل مونکي وضو ڪرڻ سيکاريو ........ 19

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# افضل ترين اعمال[1]

## دعاءِ عطار:

**يارَبَّ المصطفيٰ!** جيڪو مڪمل رسالو ”افضل ترين اعمال“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنج ئي نمازون باجماعت، پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ جي توفيق ڏي ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلّی اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جڏهن جمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، الله پاڪ ملائڪن کي موڪليندو آهي، جن وٽ چاندي جو ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن هو لکندا آهن ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعه جي رات مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي ٿو.

(ڪنزالعمال، 250/1، رقم: 2174)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نماز جي برڪت سان گڏهه زنده ٿي ويو (حڪايت)

الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن جون نمازون چوته ظاهري ۽ باطني آداب سان سَجيل هونديون آهن، انڪري انهن کي خوب نماز جو

---

[1] هيءُ مضمون امير اهل سنت جي ڪتاب ”فيضان نماز“ مان صفحي 55 کان 69 تائين ڪنيو ويو آهي.

فيض ملندو آهي ۽ انهن جي دعائن ۾ بہ وڏي تاثير پيدا ٿي ويندي آهي، اهي حضرات جڏهن هٿ کڻندا آهن تہ الله پاڪ انهن جي دعا رد ناهي ڪندو، ان سلسلي ۾ هڪ ايمان اَفروز حڪايت ٻڌو ۽ خوش ٿيو. حضرت سيدنا امام نخعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ هڪ يمني مسافر جو گڏهه رستي ۾ مري ويو، ان وضو ڪيو، ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪيون ۽ بارگاهِ اِلٰهي ۾ عرض گذار ٿيو: ”مولٰي! مان تنهنجي رضا جي خاطر تنهنجي راهہ جو مجاهد بڻجي ”دثِينَہ“ کان آيو آهيان، مان گواهي ڏيان ٿو تہ تون مُردن کي زنده ڪندو آهين ۽ قبر وارن کي قيامت جي ڏينهن اٿاريندين، اي پروردگار! اَڄوڪي ڏينهن مون کي ڪنهن جو محتاج نہ ڪر، منهنجي گڏهه کي زنده ڪري ڇڏ.“ (ايترو چوڻ هو) گڏهه ڪَن ڇنڊيندي اٿي بيهي رهيو.

(دلائل النبوۃ، ج٦، ص ٤٨)

نہ کررد کوئی التجا یاالٰہی　　ہو مقبول ہر اک دعا یاالٰہی

(وسائل بخشش (مرمم) ص١٠٦)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## افضل ترين عمل

نماز پنهنجي وقتن ۾ ادا ڪرڻ، ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ افضل ترين عمل آهن. جيئن حضرت سيدنا ابن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ چون ٿا: مون سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪيو: عملن ۾ الله پاڪ جي ويجهو سڀ کان محبوب (يعني پيارو) عمل ڪهڙو آهي؟ ارشاد فرمايائون: وقت تي نماز، مون عرض ڪيو: ان کان پوءِ؟ ارشاد فرمايائون: ماءُ پيءُ سان

نيڪي (يعني ڀلائي) ڪرڻ. مون عرض ڪيو: ان کان پوءِ؟ ارشاد فرمايائون: راهِ خدا ۾ جهاد ڪرڻ.

(بخاری، ج ۱، ص۱۹۶، حدیث ۵۲۷)

## ننڍپڻ کان ٻارن ۾ نماز جي عادت وجهو

اي عاشقانِ رسول! جڏهن ٻار ست سالن جا ٿي وڃن ته انهن کان پنج ئي وقت نماز پڙهايو ته جيئن نماز جي عادت پڪي ٿئي. انهن کي صبح سوير اٿڻ ۽ وضو ڪري نماز پڙهڻ جي عادت وجهو، پر سَردين ۾ وضو جي لاءِ ٿورو گرم پاڻي ڏيو ته جيئن هو ٿڌي پاڻي سان گهبرائجي وضو ۽ نماز کان نه لنوائين. والد صاحب کي گهرجي ته پٽ جڏهن ستن سالن جو ٿئي ته ان کي پاڻ سان گڏ مسجد وٺي وڃي پر اڳ ۾ ان کي مسجد جا آداب سيکاري ته مسجد ۾ شور نه ڪجانءِ، هيڏانهن هوڏانهن نه ڊڪجانءِ، نمازن جي اڳيان کان نه گذرجانءِ وغيره. باجماعت نماز ۾ ان کي مردن جي آخري صف کان بعد ٻين ٻارن سان گڏ بيهاريو. ان حڪمتِ عملي جي بدولت اِنْ شَآءَاللّٰه ٻار جو مسجد سان روحاني رشتو قائم ٿي ويندو.

بچوں کو بھی اے بھائیو! پڑھوائیے نماز
خود سیکھ کر کے ان کو بھی سکھلائیے نماز

## ٻار کي سڀ کان پهريان دين سيکاريو

حضرت علامہ مولانا مفتي اَمجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سڀ کان پهريان اهو آهي ته ٻارن کي قرآنِ مجيد پڙهايو ۽ دين جون ضروري ڳالهيون سيکاريو، روزو ۽ نماز ۽ طهارت ۽ خريد ۽ فروخت

۽ اُجرَتَ وغيره جو ڏيڻ وٺڻ ۽ ٻين معاملن جا مسئلا جن جي روزانو ضرورت پوندي آهي ۽ خبر نہ هئڻ جي ڪري خلافِ شريعت عمل ڪرڻ جي جرم ۾ مبتلا ٿيندا آهن، انهن کي تعليم ڏجي. جيڪڏهن ڏسو تہ ٻار جي علم ڏانهن دلچسپي آهي ۽ سمجهدار آهي تہ علم دين جي خدمت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن استطاعت (يعني حيثيت) نہ هجي تہ عقائد جي درستگي جي تعليم ۽ ضروري مسئلن جي تعليم کان پوءِ جنهن جائز ڪم ۾ لڳايو اختيار آهي.

(بہار شریعت، ج ۲، ص ۲۵۶)

ڇوڪريءَ کي بہ عقائد ۽ ضروري مسئلا سيکارڻ کان پوءِ ڪنهن عورت کان سِلائي ۽ پرت وغيره جو اهڙو ڪم سيکاريو جن جي عورتن کي اڪثر ضرورت پوندي آهي ۽ رَڌپچاءُ ۽ ٻين گهريلو ڪمن ۾ اُن کي باصلاحيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ڇوتہ سليقي واري عورت جنهن خوبي سان زندگي گذاري سگهي ٿي بدسليقہ نٿي گذاري سگهي.

(بہار شریعت، ج ۲، ص ۲۵۷)

مرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ
انہیں خلد میں بسانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪرامت وارا پيءُ پٽ

صحابيءِ رسول حضرت سيدنا ابو قِرْصَافہ جَنْدَرَہ بن خَيشَنہ رضی اللہ عنہ جو تربيتِ اولاد جو جذبو مثالي هو، رومي ڪافرن سندن جي هڪ شهزادي کي گرفتار ڪري قيدي بڻائي ورتو هو. جڏهن نماز جو وقت ٿيندو هو، حضرت ابو قِرصافہ رضی اللہ عنہ پنهنجي شهر ”عسقلان“

(ملڪِ شام) جي قلعي جي پٽ تي چڙهي وڏي آواز سان پڪاري چوندو هو ”**اي منهنجا پيارا پٽ! نماز جو وقت ٿي ويو آهي!**“ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جو شهزادو سدائين سندن پڪار ٻڌي ان تي عمل ڪندو هو، جڏهن ته هو سوين ميلن جي دوري تي رومين جي قيد خاني ۾ هو.

(معجم صغير،ج ۱، ص ۱۰۸)

فجر کی ہو چکیں اذانیں وقت
ہو گیا ہے نماز کا اٹھو!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بالغ اولاد جي اصلاح ڪڏهن واجب آهي

اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کان سوال ڪيو ويو: والدين جي حق ۾ بالغ اولاد کي خبردار ڪرڻ واجب آهي يا فرض؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون: جيڪو حڪم فعل جو آهي اهڙي ئي ان کي آگاهي ڏيڻ جو آهي، (يعني جهڙو ڪم آهي تهڙو آگاهه ڪرڻ جو مسئلو) فرض تي خبردار ڪرڻ فرض، واجب تي واجب، سنت تي سنت، مستحب تي مستحب، پر جيتري قدرت هجي اوترو اهو به ان وقت جڏهن مڃڻ جي اميد هجي، نه ته:

عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا اهۡتَدَيۡتُمۡ ؕ

(سيپارو7،المائدة:105)

**ترجمو ڪنز الايمان:** توهان پنهنجو فڪر رکو توهان جو ڪو نقصان نه ڪندو جيڪو گمراهه ٿيو جڏهن توهان راهه تي هجو.

(فتاوی رضویہ،ج ۲۴، ص ۳۷)

# هر قدم تي نيڪيءِ درجي جي بلندي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص پنهنجي گهر ۾ طهارت (يعني وضو يا غسل) ڪري فرض ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد ويندو آهي، تہ هڪ قدم تي هڪ گناهہ معاف ٿي ويندو آهي. ٻئي تي هڪ درجو بلند ٿيندو آهي.

(مسلم، ص ۲۶۳، حديث ۱۵۲۱)

## ٻار ٿانڊن سان کيڏندو رهيو (حکايت)

حضرت سيدنا عيسٰي روح الله عَلَيْهِ السَّلَام جو مبارڪ دور هو، هڪ نيڪ ٻانهيءَ تندور ۾ مانيون لڳايون ۽ وضو ڪري نماز ۾ مشغول ٿي وئي، شيطان هڪ عورت جي صورت ۾ ان خاتون وٽ اچي چيو: بيبي صاحبہ! تنهنجون مانيون تندور ۾ سڙي رهيون آهن! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهيءَ شيطان جي ڳالھ تي توجهہ ڏيڻ بنا نماز ۾ مشغول رهي. اهو ڏسي شيطان ان عورت جي ننڍڙي ٻار کي کڻي تندور جي ٿانڊن تي ڦٽو ڪري ڇڏيو. اها پوءِ بہ متوجهہ نہ ٿي. ايتري ۾ ان خاتون جو مڙس گهر آيو. اُن ڏٺو تہ ان جو ٻار تندور ۾ انهن ٿانڊن سان کيڏي رهيو آهي جن کي الله پاڪ ”سُرخ عقيق“ بڻائي ڇڏيو آهي. اهو حضرت سيدنا عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيو ۽ سڄو واقعو بيان ڪيو. حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو تہ ان عورت کي مون وٽ وٺي اچو! جڏهن اها حاضر ٿي تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: اي بيبي! تون ڪهڙو نيڪ عمل ڪندين آهين، جنهن جي ڪري ائين ٿيو؟ خاتون عرض ڪيو: ”اي روح الله! جڏهن بي وضو هوندي آهيان تہ وضو ڪري وٺندي آهيان، جڏهن وضو ڪري وٺندي آهيان تہ نماز جي لاءِ ويهندي آهيان، ۽ جڏهن ڪنهن کي ڪا

ضرورت پيش ايندي آهي تہ اُن جي ضرورت پوري ڪندي آهيان، ۽ جيڪي تڪليفون ماڻھن پاران پھچنديون آهن انهن تي صبر ڪندين آهيان.

(نزهة المجالس، ج ۱، ص ۱۴۳)

## حاجت پوري ڪرڻ جي عظيم الشان فضيلت

اي عاشقانِ نماز! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ نصيحت جا ڪافي مدني نڪتا آهن، مَا شَآءَ الله اها نيڪ نمازي ٻانھي مسلمانن جي حاجت پوري ڪرڻ جو گھڻو جذبو رکندي هئي ۽ اهو وڏي ثواب جو ڪم آهي جيئن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: "جيڪو منهنجي ڪنهن اُمتيءَ جي حاجت پوري ڪري ۽ ان جي نيت اها هجي تہ هن جي ذريعي اُن امتي کي خوش ڪري تہ ان مون کي خوش ڪيو ۽ جنهن مون کي خوش ڪيو اُن الله پاڪ کي خوش ڪيو ۽ جنهن الله پاڪ کي خوش ڪيو، الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو.

(شعب الايمان، ج ۶، ص ۱۱۵، حديث ۷۶۵۳)

## حديثِ پاڪ جي ايمان افروز تشريح

اي عاشقانِ رسول! حاجت پوري ڪرڻ واري کي بيان ڪيل فضيلت انهيءَ صورت ۾ حاصل ٿيندي جڏهن اهو اُن ٻانھي کي صرف ايماني رشتي جي ڪري خوش ڪرڻ چاهيندو هجي، پيو ڪو ذاتي مقصد نہ هجي. حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديثِ پاڪ جي هن حصي (تہ اُن مون کي خوش ڪيو) جي حوالي سان "مراٰة" جلد 6 صفحو 581 تي لکن ٿا: هن مان خبر پئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قيامت تائين هر شخص جي هر ظاهر، باطن، جسماني ۽ دلي احوالن جي خبر آهي جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي خبر هجن ۽ مؤمن جي خوشي جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي علم نہ هجي تہ سندن کي خوشي ڪيئن

تئي! حديث پاڪ جي هن حصي (۽ جنهن مون کي خوش ڪيو اُن الله پاڪ کي خوش ڪيو) جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن فرمانِ عاليشان مان بہ مسئلا معلوم ٿيا: هڪ اِهو تہ نيڪ عمل سان مؤمن کي راضي ڪرڻ ۽ مؤمن جي رضا (خوشي) جي ذريعي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جي نيت ڪرڻ شرڪ ناهي، نہ وري رياڪاري آهي بلڪ جائز آهي، جڏهن تہ پنهنجو ڏيکاءُ ۽ شهرت مقصود نہ هجي. ٻيو هي تہ رب پاڪ جي رضا (يعني خوشي) صرف حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا (يعني خوشي) ۾ آهي، وڏي مان وڏي نيڪي جنهن کان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راضي نہ هجن ان کان رب پاڪ هرگز راضي نہ ٿيندو، تنهنڪري هر عبادت ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جي نيت بہ ڪرڻ گهرجي جو اهو ذريعو آهي رب پاڪ جي رضا (يعني خوشي) جو. حديث پاڪ جي هن حصي (۽ جنهن الله پاڪ کي خوش ڪيو، الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو) جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو تہ جنت رب پاڪ جي خوشنودي سان ملندي آهي فقط پنهنجي عمل سان نہ.

(مراٰۃ المناجیح، ج ٦، ص ٥٨١)

یقیناً روزِ محشر صرف اسی سے خوش خدا ہوگا
یہاں دنیا میں جس نے مصطفٰی کو خوش کیا ہوگا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گهمڻ جي لاءِ وقت آهي نماز جي لاءِ نہ

بيان ڪيل نيڪ ٻانهي جي حڪايت مان اسان جون اسلامي ڀينرون ضرور درس حاصل ڪن ۽ غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿي نمازن جي پابندي جي پڪي نيت ڪن. بي نمازي عورتون خوب غور ڪن! تي

سگهي ٿو ته گهر جي ڪم ڪار ۾ ڏوئڻ پچائڻ جا بهانا ۾ ٻارن جي پرورش جو عذر پيش ڪري توهان دنيا ۾ ڪنهن کي مجرائي به وٺو پر اهو ته سوچو ته ڇا اهي حيلا بهانا قيامت ۾ به هلي سگهندا؟ ڪڏهن به نه. ڇا اها افسوس جهڙي ڳالهه ناهي ته اوهان وٽ ”شاپنگ سينٽر“ وڃڻ جي لاءِ ته وقت آهي، گهٽين بازارن ۾ بي پرده گهمي گناهه ۾ مبتلا ٿيڻ، تفريح گاهن ۾ وڃڻ، ”هوٽلنگ“ جي ذريعي دولت ۽ صحت برباد ڪرڻ بلڪ پاڻ پنهنجي ئي گهر ۾ ٽي وي تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ فلمون ڊراما ڏسڻ جو گناهه ڪرڻ جو وقت ته ملي وڃي ٿو پر افسوس! صد ڪروڙ افسوس! جيڪڏهن وقت نٿو ملي ته نماز جي لاءِ نٿو ملي!.

بات اعظمی کی مانو نہ چھوڑو کبھی نماز
اللہ سے ملائے گی اے بیبیو! نماز

## مدني چينل نمازي بڻائي ڇڏيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان کي ماري ڀڄائڻ، جيڪڏهن قضا نمازن جو بار هجي ته ان کي لاهڻ جو جذبو ماڻڻ ۽ گناهن ڀريل چينلن ڏسڻ جي شوق کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ صرف مدني چينل جي ترڪيب ٺاهيو. اِنْ شَآءَاللہ ٻنهي جهانن جون برڪتون ملنديون. اچو! مدني چينل جي هڪ مدني بهار ٻڌو ٿا: رحيم يار خان (پنجاب) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ جي گهر ۾ ڪيبل لڳل هئي، جڏهن اهو گهر ۾ موجود نه هوندو هو ته ان تي فلمون ڊراما ڏٺا ويندا هئا پر جڏهن مدني چينل جي شروعات ٿي ته ان جي گهر ۾ مدني بهارون اچي ويون. سندن ٻارن جي امڙ پهريان نماز نه پڙهندي هئي جڏهن هو ان کي نماز پڙهڻ جو چوندو هو ته اها طرح طرح جا حيلا بهانا ڪري نماز کان

لنوائيندي ۽ نمازون قضا ڪري ڇڏيندي هئي. انهيءَ پريشاني جي عالم ۾ هڪ ڏينهن گفتگو ڪندي ان پنهنجي گهر واريءَ کي چيو تہ جڏهن اسان ڪم ڪار کان واندا ٿينداسين تہ رات جو عشاء جي نمازکانپوءِ سمهڻ کان اڳ مدني چينل ڏسي سمهنداسين. جيئن تہ هو عشاء جي نماز کان فارغ ٿيندي ئي مدني چينل آن ڪري ڏسڻ شروع ڪندا ها تہ ٻارن جي امڙ بہ گڏ ڏسندي هئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه مدني چينل ڏسڻ جون برڪتون ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هن ريت ظاهر ٿيون جو ان جي ٻارن جي امڙ نہ صرف نماز جي پابندي شروع ڪري ڏني بلڪ هڪ دفعو ان کي چوڻ لڳي: منهنجي گذريل زندگي جي فرض ۽ واجب نمازن جو حساب لڳايو تہ منهنجي قضا نمازن جو تعداد ڪيترو آهي؟ تہ جيئن مان انهن کي بہ ادا ڪري وٺان. اَلْحَمْدُلِلّٰه ان سان گڏوگڏ ان سنيون سنيون نيتون بہ ڪيون تہ هاڻي مان پابندي سان نماز پڙهندَس ۽ بنا ڪنهن شرعي مجبوري جي ڪڏهن بہ نماز ۾ سستي نہ ڪندَس. اَلْحَمْدُلِلّٰه ان کي اهڙو جذبو مليو جو ان پنهنجي نيت کي عملي طور پورو ڪري ڏيکاريو جو پنهنجي قضا عمري نمازون ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. هي تحرير لکڻ وقت ان جو روزانو 100 رڪعتون قضا نمازون پڙهڻ جو معمول آهي.

## جلد از جلد قضا پڙهي وٺو

مَاشَآءَاللّٰه اسلامي ڀيڻ جي مدني بهار مرحبا! هن مدني بهار ۾ اسلامي ڀيڻ جي روزانو 100 رڪعت قضا نمازون پڙهڻ جو تذڪرو آهي. مَاشَآءَاللّٰه چڱو تعداد آهي. بهرحال ”نماز جا احڪام“ ۾ شرعي مسئلو هن طرح لکيل آهي: جنهن جي ذمي قضا نمازون هجن انهن جو جلد از جلد پڙهڻ واجب آهي پر ٻار ٻچن جي پرورش ۽ پنهنجي

ضروريات جي فراهمي جي ڪري دير جائز آهي. لھٰذا ڪاروبار بہ ڪندو رهي ۽ واندڪائي جو جيڪو وقت ملي ان ۾ قضا پڙهندو رهي ايسيتائين جو مڪمل ٿي وڃن.

(درمختار، ج ۲، ص ٦٤٦)

(وڌيڪ معلومات جي لاءِ ”نماز جا احڪام“ جي رسالي ”قضا نمازن جو طريقو“ جو مطالعو ڪريو.)

مدنی چینل تم کو گھر بیٹھے سکھائے گا نماز　　اور نمازی دونوں عالم میں رہے گا سرفراز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰہ پاڪ جو احسان آهي ٻن رڪعتن جي توفيق ملڻ

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”ٻانهي تي دنيا ۾ سڀ کان وڏو احسان اِهو آهي تہ ان کي ٻہ رڪعت نماز ادا ڪرڻ جي توفيق ڏني وئي.“

(معجم کبیر، ج ۸، ص ۱۵۱، حدیث۷٦٥٦)

## هيءَ ڪنهن جي قبر آهي؟

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ اللّٰہ پاڪ جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ قبر وٽان گذريا تہ پڇيائون: هي ڪنهن جي قبر آهي؟ صحابہ ڪرام عرض ڪيو: فلاڻي شخص جي آهي. ارشاد فرمايائون: (هن وقت) هن جي ويجهو ٻہ رڪعتون نماز توهان جي باقي (بچيل) دنيا کان وڌيڪ محبوب (يعني پياري) آهي.

(معجم اوسط، ج ۱، ص ۲٦٦، حدیث۹۲۰)

## جنت تي ٻہ رڪعت نماز کي ترجيح

حضرت سيدنا محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن مون

کي جنت ۾ ٻه رڪعت نماز مان ڪنهن هڪ جو اختيار ڏنو وڃي ته مان ٻه رڪعت نماز اختيار ڪندُس، انڪري جو ٻن رڪعتن ۾ الله پاڪ جي رضا (يعني خوشي) آهي جڏهن ته جنت ۾ منهنجي پنهنجي رضا (يعني خوشي) آهي.“

(مکاشفۃ القلوب، ص ۲۲۲؛ مکاشفۃ القلوب (اردو)، ص ۴۵۱)

## منهنجي لاءِ دنيا جي تمام شين کان وڌيڪ ٻه رڪعتون آهن (حڪايت)

هڪ بزرگ فرمائن ٿا: مون پنهنجي فوت ٿي ويل (اسلامي) ڀاءُ کي خواب ۾ ڏٺو ته ان چيو: جيڪڏهن مون کي شڪر ادا ڪرڻ تي قدرت ملي وڃي ته اها مون وٽ دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي ان کان وڌيڪ محبوب (يعني پياري) هوندي، ڇا توکي اهو وقت ياد ناهي جڏهن مون کي دفنايو پئي ويو ۽ فلاڻي ماڻهو بيهي ٻه رڪعت نماز پڙهي هئي، جيڪڏهن مون کي ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ جي قدرت ملي وڃي ته هي منهنجي لاءِ دنيا ۽ جيڪي ڪجهه ان ۾ آهي اُن کان وڌيڪ پسنديده هوندو.

(احياء العلوم، ج۵، ص ۲۴۰، ملخّصًا)(احياء العلوم (اردو) ج۵، ص ۶۰۰)

## قبر جي پرسان سمهڻ واري خواب ڏٺو (حڪايت)

هڪ ماڻهو ڪنهن قبر جي ويجهو ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ ڪانپوءِ سمهي پيو. خواب ۾ اُن قبر واري کي هي چوندي ٻڌو: ”اي شخص تون عمل ڪري سگهين ٿو پر عِلم نٿو رکين، اسان وٽ علم آهي پر عمل نٿا ڪري سگهون، خدا جو قسم! منهنجي اعمال نامي ۾ نماز جون ٻه رڪعتون مون کي دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي ان کان وڌيڪ پياريون آهي.

(حکايتيں اور نصيحتيں 56)

## نرالي خواهش (حڪايت)

حضرت سيدنا حسّان بن ابي سِنان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان وفات جي وقت پڇيو ويو: پنهنجو پاڻ کي ڪيئن محسوس ڪري رهيو آهين؟ فرمايائين: ”جيڪڏهن مان جهنم کان نجات حاصل ڪري وڃان ته خيريت آهي.“ وري عرض ڪيو ويو: اوهان جي خواهش ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”مون کي هڪ ڊگهي رات جي تمنا آهي ته ان ۾ سڄي رات عبادت ڪيان.“

(حلية الاولياء، ج۳، ص۱۳۹، رقم ۳۴۶۷)

## مرڻ وارن جي نگاهه ۾ عملن جي قدر

حضرت سيدنا محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن قبر وارن کي (فضول ڪمن ۾) زندگي جا ڏينهن ضايع ڪرڻ واري شخص جو هڪ ڏينهن ڏنو وڃي ته اهو اُنهن (قبر وارن) جي نزديڪ تمام دنيا کان وڌيڪ پيارو هوندو ڇوته هاڻي اهي عملن جي قدر ۽ قيمت ڄاڻي چڪا آهن ۽ معاملن جي حقيقت انهن تي واضح ٿي چڪي آهي، انهن کي هڪ ڏينهن جي آرزو صرف انهيءَ ڪري آهي جو هنن (قبر وارن) مان جيڪو گنهگار هجي ته اهو ان ڏينهن جي ذريعي پنهنجي پوين ڏينهن جي گناهن جي تلافي(يعني توبهه ۽ حقوق العباد جي ادائيگي) ڪري عذاب کان ڇوٽڪارو ماڻي ۽ جيڪو گناهن کان خالي هجي اهو هن هڪ ڏينهن (۾ گهٽي کان گهٽي عبادت ڪري اُن) جي ذريعي بلند مرتبو ڪرائي پنهنجو ثواب ٻيڻو ڪرائي وٺي. انهن (يعني قبر وارن کي) عمر جي قدر ۽ قيمت ان وقت معلوم ٿي جڏهن انهن جي عمر پوري ٿي چڪي هئي. هاڻ انهن جي آرزو آهي ته زندگي جي ڪا هڪ گهڙي ئي ملي وڃي. جڏهن ته (اي زنده اسلامي ڀائرو!) توهان کي هي گهڙيون حاصل آهن ۽ ٿي سگهي ٿو توهان کي انهن جهڙيون ٻيون گهڙيون (لمحا ۽

وقت) بہ ملن، جيکڏهن توهان انهن کي ضايع کرڻ جو ذهن ٺاهي ورتو آهي تہ معاملو هٿ مان نکرڻ جي صورت ۾ پڇتاءُ جي لاءِ پاڻ کي تيار رکجو ڇوتہ توهان اڳتي وڌي پنهنجن گهڙين (۽ زندگي جي انمول هيرن) مان پنهنجو حصو نہ ورتو.

(احیاءالعلوم، ج۵، ص۲۴۰)(احیاءالعلوم(اردو)، ج۵، ص۵۹۹)

کر جوانی میں عبادت، کاہلی اچھی نہیں
جب بڑھاپا آگیا پھر، بات بن پڑتی نہیں
ہے بڑھاپا بھی غنیمت، جب جوانی ہو چکی
یہ بڑھاپا بھی نہ ہوگا، موت جس دم آگئی

## نماز پڙهي اتي ئي ويهي رهڻ جي فضيلت

اي عاشقانِ رسول! نماز پڙهي هيڏانهن هوڏانهن ٿڙي پکڙجي وڃڻ جي بدران جيستائين ٿي سگهي اتي ئي ويهي رهو. الله ڪريم جا معصوم ملائڪ اوهان جي لاءِ بخشش جي دعا ڪندا رهندا. جيئن سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو ٻانهو نماز پڙهي جيستائين اُنهيءَ جڳهہ تي وينو رهندو آهي ملائڪ ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آهن، ايستائين جو وضو ٽٽي پوي يا اٿي هليو وڃي. ملائڪن جي مغفرت جي دعا ان (وينل) جي لاءِ هي آهي: اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡلَهٗ، اَللّٰهُمَّ ارۡحَمۡهُ (يعني اي الله پاڪ تون ان کي بخشي ڇڏ، اي الله پاڪ تون اُن تي رحم فرماءِ).

(مسندابویعلی،ج۵، ص۴۶۹، حدیث ۶۴۳۲)

## خدا کي ياد ڪر پيارا اها گهڙي اچڻ واري آهي

آه! اسان جون سستيون ڇا ڪريون! ڪاش! معصوم ملائڪن جون دعائون ماڻڻ جي لاءِ اسان کي نماز پڙهي اتي ئي ويهي ڪري

ڪجھ ورد وظيفا پڙهڻ جي سعادت ملي وجي. دعاءِ ثاني يعني امام پنهنجون سنتون وغيره پڙهي جيڪا دعا گهرندو آهي اُن ۾ تہ هر هڪ کي شرڪت ڪرڻ ئي گهرجي. جيڪڏهن نماز ڪانپوءِ **”درسِ فيضانِ سنت“** جي ترڪيب هجي، فجر کان بعد تفسير جو مدني حلقو هجي، سنتن ڀريو بيان هجي تہ ان ۾ ويهي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون ميڙڻ گهرجن.

اندھیرا گھر، اکیلی جان، دم گھٹتا، دل اُکتاتا

خدا کو یاد کر، پیارے! وہ ساعت، آنے والی ہے

(حدائق بخشش، ص۱۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## زمين جي حصي جي بزرگي

حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ڪا صبح ۽ شام اهڙي ناهي جو زمين جو هڪ ٽڪڙو ٻئي کي نہ پڪاريندو هجي، اڄ تو تان ڪو نيڪ ٻانهو گذريو جنهن تو تي نماز پڙهي يا ذڪرِ الٰهي ڪيو؟ جيڪڏهن هُو ”ها“ ۾ جواب ڏئي تہ (پڇڻ وارو) ان کي هن سبب (يعني نيڪ ٻانهن جي گذرڻ) جي ڪري پاڻ تي شرف وارو تصور ڪندو آهي.“

(معجم اوسط، ج۱، ص۱۷۱، حديث ۵۶۲)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تي سگهي جڳهہ بدلي بدلي نماز پڙهو، جتي جتي نماز پڙهندؤ، ذڪر اِلٰهي ڪندؤ، اهي سڀ جايون قيامت جي ڏينهن گواهي ڏينديون. جماعت ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪيئي اسلامي ڀائر پوئتي اچي ڪري نماز پڙهندا آهن، ايئن ڪندي وقت بہ سنيون نيتون

ڪري سگھجن ٿيون: (1) صفون ڍلل ڏسي ڪري بعد ۾ اچڻ وارن کي خبر پئجي وڃي ته جماعت ٿي چڪي آهي. (2) فرض رڪعتن جي لاءِ زمين جي هڪ حصي کي شاهد بڻايو ته هاڻي سنتن جي لاءِ بي جڳهه کي شاهد بڻايان ٿو. پر اهو احتياط ضروري آهي ته ڪنهن نماز پڙهندڙ يا ويندل ماڻهن کي ڌڪ يا پير وغيره نه لڳي ۽ نمازي جي اڳيان کان به نه گذرڻو پوي جو نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ گناهه آهي، پڻ جيڪو پهريائين نماز ۾ هجي ته ان ڏانهن چهرو ڪرڻ به ناجائز ۽ گناهه آهي، اهڙيءَ طرح ڪنهن جي چهري جي طرف نماز شروع ڪرڻ به گناهه آهي.

## زمين 40 ڏينهن تائين روئندي آهي

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو: زمين 40 ڏينهن تائين مسلمان تي روئندي آهي.

(الزهدلوکیع، ص۳۰۹، شرح الصدور(اردو)، ص۱۹۴)

## جڳهه ڪنهن تي روئندي آهي

مسلمان جنهن جاءِ تي نماز پڙهندو، ذڪرالله ڪندو آهي اها جاءِ قيامت ۾ ان جي گواهي ڏيندي. حضرت سيدنا عطا خُراساني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ”ٻانهو زمين جي جنهن حصي تي به سجدو ڪندو آهي اهو قيامت جي ڏينهن ان جي گواهي ڏيندو ۽ جنهن ڏينهن اهو مرندو آهي زمين جو اهو ٽڪڙو ان تي روئندو آهي“.

(الزهدلابن المبارک، ص۱۱۵، حدیث۳۴۰، شرح الصدور(اردو)، ص۱۹۴)

## آسمان ۽ زمين ڇو روئندا آهن

حضرت سيدنا ابو عبيده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: جڏهن مسلمان جو انتقال ٿيندو آهي ته زمين جي هر ڪنڊ ڪڙڇ هيئن پڪاريندي آهي: اي الله! ايمان وارو فوت ٿي ويو! پوءِ آسمان ۽ زمين اُن تي روئندا

آهن. الله پاڪ انهن ٻنهي کي ارشاد فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي تي ڪهڙي سبب رُئو ٿا؟ اهي عرض ڪندا: اي اسان جا رب! اهو ٻانهو اسان جي جنهن ڪنڌ ڪان ٻه گذريو تنهنجو ذڪر ڪندي گذريو.

(الزهد لابن المبارک، ص ۴۱، حديث ۱۶۱، شرح الصدور (اردو) ص ۱۹۴)

## نماز جي جڳهه روئندي آهي

امير المؤمنين حضرت سيدنا علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن مسلمان جو انتقال ٿيندو آهي ته زمين ۾ ان جي نماز جي جاءِ ۽ آسمان ۾ ان جي عمل چڙهڻ جو دروازو ان تي روئندا آهن. پوءِ سندن هي آيت سڳوري تلاوت فرمائي.

فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ انهن تي نه آسمان رنو ۽ نه ئي زمين

(ڪتاب ذڪر الموت مع موسوعة ابن ابي دنيا، ج۵، ص ۴۸۷، حديث ۲۸۷، شرح الصدور (اردو) ص ۱۹۴)

## آسمان جو دروازو روئندو آهي

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان الله پاڪ جي هن فرمان:

فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ انهن تي نه آسمان رنو ۽ نه ئي زمين

جي متعلق پڇيو ويو ته ڇا زمين ۽ آسمان ٻه ڪنهن تي روئندا آهن؟ ته پاڻ فرمايائون: ها، جوته مخلوق ۾ ڪوبه اهڙو ناهي جنهن جي لاءِ آسمان ۾ دروازو نه هجي، انهيءَ مان اُن جو رزق لهندو آهي ۽ انهيءَ مان ان جو عمل بلند ٿيندو آهي. پوءِ جڏهن مسلمان فوت ٿيندو آهي ته آسمان ۾ ان جو اهو دروازو بند ڪيو ويندو آهي جنهن مان ان جو عمل بلند ٿيندو ۽ رزق لهندو هو،

پوءِ ان تي اهو دروازو روئندو آهي ۽ ان يعني فوت ٿيل مسلمان جي جدائي ۾ زمين جو اهو حصو روئندو آهي جتي اهو ايمان وارو نماز پڙهندو هو ۽ ذڪرِ الٰهي ڪندو هو ۽ جوته قومِ فرعون جا زمين تي ڪي به نشان ڪونه هئا ۽ نه انهن طرفان بارگاهِ الٰهي ۾ ڪا ڀلائي ئي پهتي هئي تنهنڪري انهن تي آسمان ۽ زمين نه رنا.

(تفسيرِ قرطبي، ج ۱۱، ص۲۳۷، حديث31122، شرح الصدور(اردو)ص193)

مجھ کو بقیع پاک میں دو گز زمین دو
حسنین کے طفیل، مدینے کے تاجور

(وسائلِ بخشش(مرمم)ص۲۲۷)

## نمازي عورت ۽ مڇي (حڪايت)

بني اسرائيل ۾ هڪ نيڪ نمازي عورت هئي، بدقسمتي سان سندس مڙس غير مسلم هو، اهو پنهنجي گهر واريءَ کي نماز کان روڪيندو هو پر مارڪٽ جي باوجود اها عورت نماز ڪانه ڇڏيندي هئي. مڙس تنگ ٿي هڪ سازش جي تحت ڪجهه مال پنهنجي زال کي ڏئي ان کي چيائين هن کي محفوظ جڳهه تي رکي ڇڏ، جڏهن گهران نه پوءِ ڏجانءِ. موقعو ڏسي مڙس لڪي اهو مال ڪٽي درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو. الله ڪريم جي قدرت سان اهو مال هڪ مڇيءَ ڳيهي ورتو. اها مڇي هڪ مُهاڻي جي جار ۾ اچي ڦاٿي، ۽ مهاڻي ان کي بازار ۾ وڪڻي ڇڏيو، خدا جو شان ته اها ئي مڇي ان جي مڙس خريد ڪئي ۽ پچائڻ جي لاءِ گهر ڪٽي آيو، ان نيڪ عورت پچائڻ جي لاءِ مڇيءَ جو پيٽ چيريو، ته اهو مال پيٽ مان نڪري پيو! عورت سڄو ماجرو سمجهي وئي. اُن عورت اهو مال انهيءَ جڳهه تي رکي ڇڏيو. مڙس سازش جي مطابق زال سان مال گهريو، ته

جيئن نہ ملڻ جي صورت ۾ ان تي الزام هڻي ڪري ان کي سزا ڏياري سگهي. پر الله ڪريم جي رحمت سان زال مال ڪڍي مڙس جي حوالي ڪري ڇڏيو، هن تي هُو ڏاڍو حيران ٿيو پر ان سوچيو تہ هن ۾ ضرور عورت جي چالاڪي آهي. اُن هن واقعي مان عبرت نہ ورتي بلڪ گهر واري جڏهن ماني پچائڻ جي لاءِ تَنور دُکائي تہ ظالم ان کي پڙڪندڙ تَنور ۾ وجهي ڇڏيو تہ جيئن سڙي هلاڪ ٿي وڃي. تَنور ۾ ڪرندي ئي ان نيڪ نمازي عورت الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ التجاء ڪئي. الله پاڪ ان جي دعا قبول ڪئي، تَنور جي باهہ فوراً ٿڌي ٿي وئي ۽ اها نمازي خاتون (نماز جي برڪت سان) زندهہ بچي وئي. (نزهة المجالس، ج۔ ۱، ص۔ ۱۵۴) اللّٰهُ رَبُّ العزت جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عزت کے ساتھ نوری لباس اچھے زیورات
سب کچھ تمھیں پہنائے گی اے بیبیو! نماز

## مدني چينل مونکي وضو ڪرڻ سيکاريو

شيطان جون سازشون ناڪام بڻائڻ، گناهن کان بچڻ جو ذهن ماڻڻ، نيڪين جي راهہ اپنائڻ ۽ ديني معلومات وڌائڻ جي لاءِ مدني چينل ڏسندا رهو. دعوتِ اسلامي جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جي رشتيدار پنهنجا تاثرات ڪجهہ هن طرح ڏنا: اوهان تمام سٺو ڪيو جو مدني چينل شروع ڪري گهر ويٺي مسلمانن کي اسلام جون ڳالهيون سيکارڻ شروع ڪيون آهن. سچ تہ چوان اوهان جي مدني چينل تي جڏهن مون ”**وضو جو عملي طريقو**“ ڏٺو تہ منهنجو ڪنڌ شرم وچان جهڪي ويو جو ابن ڏاڏن کان مسلمان هجڻ جي باوجود اڄا تائين

مون کي صحيح طريقي سان وضو ڪرڻ به نہ ايندو هو مان دل سان اعتراف ٿو ڪريان تہ مدني چينل مون کي وضو ڪرڻ سيکاريو!

مدنی چینل میں نبی کی سنتوں کی دھوم ہے
اور شیطان لعیں رنجور ہے معموم ہے

(وسائل بخشش (مرمم) ص ٦٣٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”فيضان نماز“ پڙهڻ وارن جي لاءِ اميراهل سنت جي دعا




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net